# پارن لاء بائبل
## تحفو

# يسوع پنج هزارن
# كي كارائي ڍءُ كرائي ٿو



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

ڪيترائي مذهبي اڳواڻ (جنهن کي فريسي سڏيو وڃي ٿو) يسوع بابت ڪوڙ ڳالهايو. ڪن ڪيس مارڻ جي به ڪوشش ڪئي.



انهن کي يقين نه آيو ته هو واقعي خُدا جو فرزند هو. اهي هن کي قبول نٿا ڪن جيتوڻيڪ هن معجزا ڪيا آهن جيڪي ثابت ڪن ٿا ته هو خُدا جو فرزند هو.

هڪ ڏينهن، يسوع گليل جي سمنڊ کي پار ڪيو. شايد، هُن اُن
ميڙ کان ٿورو پري آرام ڪرڻ پئي چاهيو، جيڪو هميشه
سندس چوڌاري گڏ هوندو هو. پر
ماڻهو جلد ئي ڪيس ڳوليندا هئا.
انهن کي خبر هئي ته يسوع
عظيم معجزا ڪيا هئا. اهي
هن سان گڏ رهڻ چاهيندا هئا.





يسوع پنهنجي شاگردن کي هڪ ويران جبل واري جاءِ
ڏانهن وٺي وڃين ٿو جتي هو ويهي ٿو ۽ سيکاري ٿو.
۽ وڏيڪ ۽ وڏيڪ ماڻهو ايندا رهندا آهن، جلد
ئي ڪائڻ جو وقت ٿي ويندوآهي.
هر ڪو بکيو به هوندو.

يسوع ماڻهن کي ڏسي ٿو. "اسان ماني ڪٿان خريد ڪنداسين ته اهي ماڻهو کائي سگهن؟" هن فلپس کان پڇيو. چاڪاڻ ته چوڌاري ڪاڏي پيتي جو ڪو به دڪان نه هو. يسوع ڪهڙي رٿابندي ڪري رهيو هو؟



"انهن ماڻهن کي کارائڻ تمام مهانگو هوندو،" فلپس يسوع کي جواب ڏنو. يسوع ۽ سندس شاگردن وٽ ايترو پئسو نه هو.





هڪ ٻيو شاگرد، اندرياس
(شمعون پطرس جو ڀاءُ)،
يسوع کي چوي ٿو: "هتي
هڪ ڇوڪرو آهي جنهن
وٽ پنج مانيون ۽ ٻه
ننڍيون مڇيون آهن...".

"پر هوءَ ڪيترين ئي ماڻهن جي وچ ۾ ڇا ڪندي؟" اندرياس اهو نه ڏسي سگهيو ته ننڍڙي ڇوڪري جو ڪاڌو ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪيئن ڪارئي ڊءُ ڪرائي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ ڇوڪرو پنهنجو ڪاڌو يسوع کي ڏئي.



يسوع چوي ٿو، "ماڻهن کي ويهاريو." تنهنڪري ماڻهو ويٺا، جن جو تعداد اٽڪل پنج هزار هو. واهه! پنج هزار! ايستائين جو انهن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل نه هئا جيڪا اُتي هئا.



پوءِ، يسوع مانيون ۽ مڇيون ڪٽي ٿو. ننڍڙو ڇوڪرو ضرور يسوع تي ڀروسو ڪيو هوندو. هن کي اها خبر نه هئي ته يسوع هن جي ماني ڇو چاهيندو هو، يا يسوع ڪاڌي سان ڇا ڪندو. هن سوچيو هوندو ته، "جيڪڏهن مان پنهنجو ڪاڌو ڇڏي ڏيان ته مان ڇا کائيندس؟" پر تي هوندي به هو پنهنجو ڪاڌو يسوع کي ڏئي ٿو.



پوءِ يسوع دعا گهري
ٿو. هو خُدا جو شڪر
ادا ڪري ٿو. پنج
مانيون ۽ به مڇين لاء؟
ها، يسوع چوي ٿو،
"شڪر" خُدا جو ۽ هن
کاڌي جي برڪت لاء
دعا گهري ٿو.



دعا ڪان پوء، يسوع مڇي ۽
مانيون ٽوڙي ٿو ۽ انهن کي
شاگردن کي ڏئي ٿو، جيڪي
سپني ماڻهن کي ڏين ٿا. اهو
لمحو هو جڏهن ماڻهن ڏٺو
اهو معجزو جيڪو يسوع
ڪيو هو. هر ڪو ايترو
کائي ٿو جيترو کائي سگهي
ٿو. اجا مانيون ۽ مڇيون نه
ڪٽيون هيون.



سپني جي ڏءُ ڪان پوءِ، اڃا ٻه مانيون ۽ مڇيون بچيل هيون.
"بچيل ڪاڌو گڏ ڪريو ته جيئن ڪجھ به ضايع نه ٿئي." يسوع
شاگردن کي چوي ٿو. اهي ٻارهن ٽوڪريون انهن پنجن مانين
سان پريندا آهن جيڪي کائڻ ڪان پوءِ بچيل هيون.



انهيءَ ڏينهن يسوع پنج هزار ماڻهن کي
نندي ٻار جي ماني کارائي ڍءُ ڪرائي ٿو.
هڪ ٻئي موقعي تي هو چئن هزارن کان
مٿي ماڻهن کي ست مانيون ۽ ڪُجهه مڇيون
کارائي ڍءُ ڪرائي ٿو.



جڏهن ماڻهو عام طور تي اهي نشانيون ڏسندا
آهن، اهي فريسين وانگر ناراض نه ٿيندا آهن.
بلڪه چوندا آهن ته بيشڪ هي هڪ نبي آهي
جيڪو هن دنيا ۾ آيو آهي. انهن کي خبر هئي
ته يسوع نجات ڏيندڙ هو
جيڪو خُدا جي ڪلام
۾ واعدو ڪيو
ويو آهي.



# يسوع پنج هزارن کي کارائي ڍءُ ڪرائي ٿو

خُدا کان هڪ ڪهاڻيي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

يوحنا ۶

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

ختم

51

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان ڪان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي ڪان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۡ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۡ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ ڪان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءُ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.